# صوبائي اسيمبلي سنڌ

## نوٽيفڪيشن

## ڪراچي ٢٠ مارچ ٢٠١٤

دي سنڌ سروس ٽرائبيونلس (ترميم) بل ٢٠١٤، جيڪو صوبائي اسيمبلي سنڌ طرفان ٢٨ فيبروري٢٠١٤ تي پاس ڪيو ويو ۽ گورنر سنڌ ١٩ مارچ ٢٠١٤ تي منظوري ڏني، جنهن کي صوبائي اسيمبلي سنڌ جي قانون سازي ايڪٽ طور شايع ڪيو وڃي ٿو.

# دي سنڌ سروس ٽرائبيونلس (ترميم) ايڪٽ، ٢٠١٤

# سنڌ ايڪٽ نمبر X، مجريه ٢٠١٤

| | |
|---|---|
| ايڪٽ جنهن سان سنڌ سروس ٽرائبيونلس ايڪٽ 1973 ۾ ڦير گهير آندي ويندي. | تمهيد (Preamble) |
| ان ڪري ايڪٽ کي هن ريت جوڙيو وڃي ٿو:- | |
| 1. (1). هن ايڪٽ کي دي سنڌ سروس ٽرائبيونلس (ترميم) ايڪٽ ٢٠١٤ (The Sindh Service Tribunals (Amendment) Act, 2014) چيو ويندو.<br>(2) اهو ايڪٽ هڪدم لاڳو ٿيندو ۽ اهو سمجهيو ويندو ته 7 آگسٽ 2013 کان لاڳو ڪيو ويو آهي. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short Title and Commencement. |
| 2. سنڌ سروس ٽرائبيونلس ايڪٽ، 1973 جي دفعه 3 ۾ ذيلي دفعن (3) ۽ (4) ۾ هن ريت تبديلي آڻجي ٿي:-<br>"(3) ٽرائبيونلس هڪ چيئرمين ۽ ٻن ميمبرن تي مشتمل هوندو، جن کي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي صلاح سان سرڪار هڪ دفعي لاءِ ٽن سالن جي مدت تائين مقرر ڪندي.<br>(4) (i) اهو ماڻهو جيڪو هاءِ ڪورٽ جو جج رهيو هجي، يا جج | سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريه 1973 جي دفعه 3 ۾ تبديلي.<br>Amendment of Section 3 of Act .No XV of 1973 |

هجڻ جي اهل هجي، تنهن کي چيئرمين طور رکيو ويندو.

(ii) ٻه ميمبر، انهن مان هڪ وڪيل رکيو ويندو، جنهن جو هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت ڪرڻ جو ستن سالن جو تجربو هوندو ۽ ٻيو ميمبر سول ملازمن مان ڪو [BS-20] جو گريڊ وارو ڪنيو ويندو ۽ ان کي ترجيح ڏني ويندي جنهن کي جنهن جو قانون جي ڄاڻ جو تجربو هجي. انهن کي هڪ دفعو ٽن سالن جي مدت لاءِ ميمبر مقرر ڪيو ويندو، پوءِ اهو مدو نوڪريءَ ڪرڻ واري آخري حد تائين هجي، يا ان کان اڳ واري وقت تائين هجي.

**بحڪم**

**اسپيڪر**

**صوبائي اسيمبلي سنڌ.**

**جي-ايم-عمر فاروق**

**سيڪريٽري**

**صوبائي اسيمبلي سنڌ**

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**